علي اصغر اوٺو

# ديوان نندیرام میراڻي سيوهاڻي جون تاريخ ۽ ادب ۾ خدمتون

Diwan Nandiram Mirani Sehwani: A Historian, Writer And Author


## *Abstract*

*This brief historical research paper critically explores about educational and literary contributions of late Diwan Nandiram Mirani of Sehwan (1819-1875). He was a multidimensional person and the man of letters. He was not only well versed in Hindi, Persian, old Sindhi writing (in Bhawnagri alphabet), new Sindhi writing (in Arabic based alphabet) languages but also learned English language. He remained active member of developing New Sindhi writing i.e. introducing Arabic Alphabet Based Sindhi writing style. He, for the first time in the history, properly translated or converted a well known Persian book of history "Tareekh Maasoomi" into New Sindhi writing style in Arabic based alphabet. For this extraordinary literary contribution he not only received prize/award of Rs. 200 against the allocated amount of Rs.100 from Mr. Eliss, then Assistant Commissioner of Sindh, but also was appointed as Focal Person for the Education Department of Sindh. He had published his five books as a single author, whereas he had on his credit a dozen of other books including some textbooks as co-author. History remembers him as the most prominent prose writer and author of Sehwan after late Akhund Azizullah Memon in the nineteenth century.*


ديوان نندیرام میراڻي ؁ سنڌ جي تاريخي ۽ علمي شهر سيوهڻ ۾ ديوان ٿڌي مل جي گهر ۾ پيدا ٿيو. سندس پيدائش جي تاريخ جي پوريءَ طرح معلومات نٿي ملي. ڪن اديبن ارڙهين صديءَ جي شروعات ڄاڻائي آهي ؁ پر ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي بي_ اي جي فائنل جي سنڌي ڪتاب "سچا موتي "۾ لکي ٿو ته:

"سندس پيءُ جو نالو ٿڌو مل هو ۽ سيوهڻ جو رهاڪو هو؁ سال 1819۾ جنم ورتائين ۽ 1875 ۾ سرڳڌام پڌاريو." (ميمڻ، 164: 1989)

خان بهادر محمد صديق ميمڻ ، پنهنجي تاريخ ”سنڌ جي ادبي تاريخ “۾ لکي ٿو ته:

”ديوان ننديرام ٿڌو مل صاحب سيوهڻ جي ميراڻي عالمن مان هو، سندس جنم 18 صديءَ جي شروعات ۾ ٿيو.“ (ميمڻ، 189: 2000)

سنڌ جو ناميارو اديب ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب ”سنڌي نثر جي تاريخ“ ۾ لکي ٿو ته ”ديوان صاحب سيوهڻ جي ميراڻي عاملن مان هو. سندس ولادت اوڻيهين صديءَ جي شروعات ۾ٿي هئي. “ (الانا ، 67: 1977)

مٿين حوالن مان ارڙهين صديءَ جي شروعات ۾ سال1819 ئي سندس جنم جو سال صحيح چاڻڻ گهرجي. سندس ڏاڏو مهرو مهتو هو. سنڌ ۾ ڪيترائي پائيپند ( مهتو ) سڏائيندا هئا. مهتو يعني وڏيرو. پراڪرت ۾ منهتو ۽ سنسڪرت ۾ مها يعني وڏو سڏجي ٿو. زمين جي مالڪن پاران ڳوٺاڻن کان ڍلون مسواڙون ۽ ليکو چوکو اوڳاڙيندڙن کي به مهتو سڏيو ويندو هو. سندس ڏاڏو حضرت قلندر لال شهباز جو مودي هو ۽ وڏو عامل پڻ سڏبو هو. عامل عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي “عمل ڪندڙ يا ڪاروبار هلائيندڙ”. اڳ هندو ڪامورا پاڻ کي عامل سڏائيندا هئا ۽ مودي ان کي چيو ويندو هو، جيڪو حضرت قلندر لال شهباز جي فداين جي لسٽ ۾ نالو داخل ڪرائيندو هو. انهن مان ميراڻي ديوان پيش پيش آهن. انگريز دور ۾ سيوهڻ جي هندن بابت پروفيسر محبوب علي چنا پنهنجي مقدمي ۾ لکي ٿو ته:

”سيوهڻ جا هندو قدامت ڪري مشهور آهن ۽ گهڻن ئي صاحبن انگريزن جي ڏينهن ۾ وڏا وڏا درجا وجي ماڻيا ۽ هر ڪنهن صنف ۾ برک ٿيا. “ (چنا، 2016، 9)

تاريخ مان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته ، انهن ڏينهن ۾ سيوهڻ جا ڪي هندو حضرت قلندر لال شهباز جا معتقد هوندا هئا. اڄ به قلندرجي مزار جي اڳيان ٿوري ئي مفاصلي تي سندس هندو مريد لال داس جي مزار آهي.

پروفيسر محبوب علي چنا هندن جي قلندر لال شهباز سان عقيدت جي حوالي سان لکي ٿو ته: ” جن کي قلندر لال شهباز جي فقيريءَ جي لڙ لڳي، سيوهڻ جي خاڪ کي مقدس سمجهي پنهنجي هردي کي آرام ۽ شانتي سان هيرايو، انهن ۾( قانوگا ۽ ميراڻي ) قابل ذڪر آهن. لال شهباز جي عرس جي موقعي تي ساندهه ٽي ڏينهن شام جو ميندي ڪڇندي آهي. “ (چنا، 9: 2016)

حضرت قلندر لال شهباز جو ٽي ڏينهن 18،19،20 شعبان تائين ميلو هلندو آهي. ميلي جي پهرين ڏمال يعني18 شعبان تي قلندر لال شهباز جو سجاده نشين (گل محمد شاهه ) ميندي ڪڍندو آهي ۽ ٻين تاريخن واريون مينديون هندو صاحبن جي حصي ۾ ايندڙون آهن. 19 تاريخ جي ميندي ميراڻي آڪهه وارن جو اڳواڻ ڪڍندو آهي .

ڪتاب گلزار قلندر جو مصنف لکي ٿو ته: ”ميراڻين کي ميندي ڪڍڻ جو اعزاز انهيءَ ڪري مليو، جو سندن وڏو مهتو مجر پٽ ميرو ؛ قلندر لال شهباز جو وڏو معتقد هوندو هو “. (سولنگي، 214: 1972)

اهڙيءَ ريت 20 تاريخ واري ميندي قانوگن مان ڪڇندي آهي. اها حقيقت تعجب جهڙي آهي ته اڄ به ٻنهي خاندانن جا فرد پنهنجي موروثي فرض کي ادا ڪندا رهن ٿا. ديوان نانديرام جي آڪهه مان ( ديوان مولچند) ميندي ڪڍندو هو، جيڪو وفات ڪري ويو. موجوده دور ۾ انهن جي ئي آڪهه مان ديوان رام موجود آهي، جيڪو اڄا تائين سيوهڻ جي ڪڏ محلا ۾ رهائش پذير آهي ۽ مينديءَ واري رسم جاري رکندو اچي. ديوان ننديرام ننڍي هوندي کان ئي مسلمانن سان گڏ سيوهاڻي قاضين جي مڪتبن ۾ مولوين وٽان ابتدائي تعليم فارسي ۽ عربي پڙهيو. ذهانت سبب ستت ئي پڙ ٿيو ۽ فارسي نثر توڙي نظم ۾ چڱي مهارت حاصل ڪيائين. تعليم حاصل ڪرڻ کان پوءِ پنهنجي گذر معاش لاءِ هن سيوهڻ ۾ هڪ خانگي اسڪول کوليو ؛ نتيجي طور وٽانئس ڪيترائي هندو توڙي مسلمان شاگرد علم جي زيور سان آراسته ٿيا ۽ ماڻهن تي سندس علمي ماهيت جو اثر چڱو ڀيل هو. تنهن هوندي به سندس گذران مشڪل سان گذرندو هو. پروفيسر محبوب علي چنا ڪتاب ”ايسپ جون آکاڻيون“ ۾ لکيل پنهنجي مقدمي ۾ سندس ئي هڪ حوالو ڏنو آهي جيڪو ديوان صاحب جي تاريخ سنڌ جي ديباچي مان کنيل آهي جيڪو هن ريت ڏنل آهي ؛

”تن ڏينهن ۾ آءٌ فلڪزدگيءَ کان ۽ ڪنهن وٽ به نسبت نه ڪرڻ احتجاج جي يعني هٿ ٽنگڻ کان عار هوم، رڳو فارسي اردو ۽ سنڌي جي تعليم جو ڪم خانگي طور ڪندو هوس، پر سُ‍ڌ رهيم ته من ڪنهن هن فلڪ جي گردش جي چنبي کان ڇوٽڪارو لهجي. هڪ جيڏن ۽ پاڻ جهڙن سرڪاري نوڪرن وانگي ٿيان“ (چنا 10: 2016)

مٿئين حوالي مان ظاهر آهي ته ؛ ان وقت سندس ڪيترا ئي هڪ جيڏا فارسي خواندا سيوهاڻي عامل سرڪاري نوڪرين ۾ لڳي چڪا هئا، تنهن ڪري پاڻ به پنهنجي علمي خدمت بجا آڻڻ جي شوق پوري ڪرڻ جي ارادي سان سرڪاري نوڪري ملڻ جو خواهشمند رهندو هو. 1836ع ۾ پنهنجي گهر وارن جي صلاح سان ”وراڻ ٻائي“ سان شادي ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ فارسي زبان جو رواج گهٽجڻ لڳو؛ جنهن جو واحد سبب اهو هو، جو ميرن جي صاحبيءَ جو سج لهڻ لڳو. عربي ۽ فارسي جا ڄاڻو هن انقلابي تبديليءَ تي خاموشي اختيار ڪري گمناميءَ جي گوشي ۾ لڪي ويا .

1852ع ۾ ان وقت جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر سنڌي آئيوٽا ٺاهڻ لاءِ سنڌ جي عالمن جي هڪ ڪاميٽي ٺاهي، جنهن ۾ سيوهڻ شهر جي هن شخصيت کي به شامل ڪيو ويو. ڀانئجي ٿو ته ديوان ننديرام جي ترقيءَ

طرف وڌڻ جي اها پهرين منزل هئي. ديوان صاحب توڙ تائين ڪاميٽي جي انهن ميمبرن سان شامل راءِ رهيو، جي عربي سنڌي آئيوٽا ۾ صورتخطي قائم ڪرڻ ۾ متفق راءِ هئا. پروفيسر محبوب علي چنا ڪتاب ”ايسپ جون آکاڻيون“ ۾ پنهنجي پيش ڪيل مقدمي ۾ ديوان نند يرام جو هڪ حوالو ڏنو آهي، جيڪو سندس ڪتاب ( تاريخ سنڌ ) جي ديباچي مان ڪنيل آهي حوالو هن ريت آهي؛ ”گهڻي بحث ۽ چڪاس هوڏ ۽ ڏيهي ماڻهن جي صلاح ۽ ان وقت جي ناظمن صاحبن جي متفق راءِ سان ئي هن حقير جي مدد سان سنڌي الف _ بي ٺاهي ۽ ڇپرائي؛ سرڪاري ڪم ۾ ٿورو ٿورو رواج ڏنو .“ (چنا 10: 2005)

مٿئين حوالي مان معلوم ٿئي ٿو ته، ديوان نند يرام انگريز حڪومت طرفان سنڌي صورتخطي لاءِ مقرر ڪيل ڪاميٽيءَ جو سرگرم ميمبر هو؛ ان وقت سيوهڻ لاءِ اهو هڪ وڏو اعزاز هو. اهڙيءَ طرح سان ان وقت جي اسسٽنٽ ڪمشنر ( مسٽر ايلس ) سموري سنڌ ۾ اشتهار ڏنو ته؛ جيڪو به علم وارو ڄاڻو مسلمان توڙي هندو ”تاريخ معصومي“ پارسي جو نئين مقرر ٿيل عربي سنڌي صورتخطي موجب صاف سنڌي ترجمو ڪري ڏيندو؛ تنهن کي هڪ سئو روپيا انعام ۽ تعليم کاتي جي ترجمان جو عهدو به ڏنو ويندو. انهيءَ اشتهار تي سنڌ جي ڪيترن اديبن؛ عالمن ۽ بزرگن پنهنجا ترجما مسٽر ايلس صاحب وٽ پيش ڪيا؛ انهن ترجمن جي چڪاس لاءِ سرڪار طرفان چار ڪاميٽيون مقرر ٿيون. انهيءَ ڪاميٽي ۾ شامل آفيسرن ديوان نند يرام جو صاف سنڌيءَ ۾ ڪيل ترجمو پاس ڪيو ۽ سرڪار جي واعدي مطابق کيس هڪ سئو جي بدران په سئو نقد سرڪاري انعام ۽ تعليم کاتي جي ترجمان جو معزز عهدو مليو، جيڪا سندس خواهش به هئي ته کيس سرڪاري نوڪري ملي. سيوهڻ جو اديب ۽ محقق خير محمد برڙو سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب “ سيوهڻ صدين کان ” ۾لکي ٿو ته :

“ منشي نند يرام سيوهاڻي؛ سيوهڻ جي مشهور عامل هندن مان هڪ وڏو اديب ۽ قلمڪار هو. هن 1278هه ؛ 1861ع ۾ تاريخ معصومي جو سنڌي ترجمو ڪيو هو؛ جو ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ تاريخ معصومي جو ترجمو ڪنهن به ڪو نه ڪيو هو. منشي ايترو ته مشهور ۽ قابل هو جو پري پري جا اديب وٽس اصلاح لاءِ ايندا هئا. ” (برڙو ، 2009، 307)

مٿئين حوالي مان معلوم ٿئي ٿو ته؛ ان ترجمي ڪرڻ کان پوءِ ديوان صاحب کي وڌيڪ ترقي ملڻ لڳي ۽ کيس ترجمان ۽ منشي جي عهدن سان نوازيو ويو.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ لکي ٿو ته ، ديوان نند يرام پهريون سنڌي عالم هو؛ جنهن سنڌ ۾ علميت جو

ڏاڪو وهاريو. سندس فارسيدانيءَ توڙي سمجهه، سياڻپ ۽ ادبي قابليت سبب ڪيس تعليم کاتي جي ترجمان جو اهم عهدو مليو.” (جوڻيجو، 145: 1994)

ان ڏينهن کان پوءِ سرڪار طرفان ڪيس اهو به اختيار مليو ته، آئينده سنڌ ۾ ڇپجندڙ هر ڪتاب منشي ننديرام جي نظرثانيءَ کان پوءِ ڇپجندو. منشي ننديرام سرڪاري ڳڻ ڳڇيءَ ۾ وجهي عهدي جا سمورا فرائض بخوبي سرانجام ڏنا. ملازمت دوران انگريزي به سکيو، واندڪائيءَ ۾تصنيف و تاليف جو ڪم به هٿان نه ڇڏيائين.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو سندس تصنيف و تاليف متعلق لکي ٿو ته:

“نندیرام تصنيف ۽ تاليف جو ڪم پوري تندهيءَ سان ڪيو، جڏهن ادبي دنيا کي قليچ جو انتظار هو ۽ اهم ادبي ڪم نندیرام جي هٿان پورو ٿي رهيو هو. نندیرام جيڪي ڪتاب ترجمو ڪيا، لکيا ۽ ترتيب ڏنا، تن ۾ اڪيلي سر پنج ڪتاب لکيائين، اهي هي آهن:

“ تاريخ سنڌ، سيکائتو نروار، باب نامو، سنساري نروار ۽ ليکي جي پيڙه “.

ان کان علاوه ٻيا ڇهه ست ڪتاب ٻين ليکڪن سان گڏ جي لکيائين. نندیرام جي ادبي ڪم تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته، هن ۾ علمي قابليت ۽ محنت جو مادو گهڻو هو. سندس ڪتاب ”تاريخ سنڌ“ انهيءَ محنت ۽ قابليت جو نتيجو آهي. “ (جوڻيجو، 145: 1994)

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو وڌيڪ لکي ٿو ته ”جن عالمن ڪتابن ۽ مسودن جي تصحيح ۽ ترتيب جو ڪم هوشياريءَ سان ڪيو آهي جهڙوڪ نندیرام تعليم کاتي جي ترجمان جي حيثيت سان اشاعت لاءِ آيل مسودن جي تصحيح ڪئي ۽ مصنف سان گڏ ڪتاب تي پنهنجو نالو به آندو.” (جوڻيجو، 145: 1994)

سندس علمي ادبي ۽ تحقيقي ڪتاب هن ريت آهن:

1. سرڪاري پاراڻو ڪتاب ، ”باب نامو “1853 ع
2. تاريخ معصومي جو ترجمو سنڌي ، ”تاريخ سنڌ “جي نالي سان ، 1854 ع
3. انگريزيءَ مان ترجمو ، ”ايسپ جون آکاڻيون “جي عنوان سان ،1854
4. ڊرائنگ جي سکيا متعلق ، ”چٽ جي پاڙ “جي نالي سان ،1854
5. انگي حسابن متعلق ، ”ليکي جي پيڙهه “جي نالي سان ،1855
6. دنيا جي جاگرافيءَ متعلق ، ”ڌرتي نروار “جي نالي سان پاڱو پهريون ۽ ٻيون ،1855
7. پيمائشي حسابن متعلق ، ”پيمائشي حساب “جي نالي سان ،1855
8. آلجبرا جي حسابن متعلق ، ”جبرو مقابله” جي عنوان سان ،1856
9. انگي حسابن جي سمجهاڻين متعلق ، ”ليکي جو ڪتاب “جي نالي سان پاڱو پهريون ۽ ٻيون ،1856

10. نانگن ۽ بلائن بابت ، ”پڌر نامو “ جي عنوان سان 1860ع
11. دنيا جي جاگرافي متعلق ، ”جغرافيه جديد “جي نالي سان پاڱو ڇپريون ۽ ڇپيو1861ع
12. مطالعه فطرت متعلق، ”سنساري نروار “جي نالي سان 1861ع

اهڙي طرح سان ديوان ننديرام جون علمي توڙي ادبي خدمتون ادبي تاريخ ۾ نمايان حيثيت رکن ٿيون. خاص ڪري الف _ بي جي موجوده تشڪيل ۾ سندس ڪوششون محنت جو ثمر آور نتيجوآهن. قديم سنڌي نثر نويسن ۾ آخوند عزيز الله ميمڻ ڪان پوءِ سيوهڻ جي ديوان ننديرام ميراڻي جو نالو سرفهرست آهي.

حوالا :


الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، (1977). سنڌي نثر جي تاريخ(ڇاپو پهرون)، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز
پرڙو، خير محمد، سيوهاڻي، (2009). سيوهڻ صدين ڪان، سيوهڻ: مراد پبليڪيشن
جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، (1994)، سنڌي ادب جي مختصر تاريخ(ٽيون ايڊيشن)، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن
چنا، محبوب علي، پروفيسر، (2016). ايسپ جون آکاڻيون، مترجم، ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي(ڇاپو ستون)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
چنا، محبوب علي، پروفيسر، (2016). ايسپ جون آکاڻيون، مترجم، ديوان ننديرام ميراڻي سيوهاڻي(ڇاپو ستون)، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ
سولنگي، محمد پريل، سيوهاڻي، (1972)، گلزار قلندر(ڇاپو پهريون)، سنواريندڙ، چنا، محبوب علي، پروفيسر. حيدرآباد: قلندر شهباز اڪيڊمي
ميمڻ، عبدالغفور ، ڊاڪٽر (1989)، سچا موتي، سکر: مسلم بڪ اسٽور
ميمڻ، محمد صديق، خانبهادر. (2000) سنڌ جي ادبي تاريخ(چوٿون ايڊيشن)، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي .